SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر V مجريہ 1982

SINDH ORDINANCE NO.V OF 1982

سنڌ ڪوآپريٽو هائوسنگ اٿارٽي آرڊيننس، 1982

THE SINDH CO_OPERATIVE HOUSING AUTHORITY ORDINANCE, 1982

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. وصفون

Definitions

3. ٻين قانونن وغيره کي ختم ڪرڻ جو آرڊيننس

Ordinance to over_ride other laws etc

4. اختياري جو قيام ۽ شموليت

Establishment and incorporation of the Authority

5. مئنيجنگ ڊائريڪٽر، ٻين عملدارن ۽ اسٽاف جي مقرري

Appointment of Managing Director and other officers and staff

6. اختياري کي ڪم سونپڻ

Assignment of functions to the Authority

7. مئنيجنگ ڪميٽي يا ايڊمنسٽريٽر جي مقرري

Appointment of Managing Committee or Administrator

8. گڏجاڻيون

Meetings

9. فنڈس

Funds

10. بجيٽ

Budget

11. اڪائونٽس ۽ آڊٽ

Accounts and Audit

12. حڪومت جون هدايتون

Directions of Government

13. اختيارن جي منتقلي

Delegation of Powers

14. سوسائٽي جي انتظاميہ جي ٻيهر جوڙجڪ

Reconstitution of the management of the society

15. اختياري ختم ڪرڻ

Winding up of the Authority

16. ضمانت

Indemnity

17. قاعدا ۽ ضابطا

Rules and Regulations

18. رندڪون هٽائڻ

Removal of Difficulties

سنڌ آرڊيننس نمبر V مجريہ 1982

SINDH ORDINANCE NO.V OF 1982

سنڌ ڪوآپريٽو هائوسنگ اٿارٽي آرڊيننس، 1982

THE SINDH CO_OPERATIVE HOUSING AUTHORITY ORDINANCE, 1982

[3 جون 1982]

آرڊيننس جنهن ذريلي سنڌ ڪو آپريٽو هائوسنگ اٿارٽي قائم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ هائوسنگ ڊولپمينٽ ۾ ڪم ڪندڙ ڪو آپريٽو سوسائٽيز جي بيهر انتظام، انهن کي سنيالڻ ۽ نظرداري ڪرڻ لاءِ ڪو آپريٽو هائوسنگ سوسائٽي قائم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري پنجين جولاءِ 1977 واري اعلان ۽ پرووِيزنل ڪنسٽيٽيوشن آرڊر، 1981 جي روشني ۾، سنڌ جي گورنر هينيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ ڪو آپريٽو هائوسنگ اٿارٽي آرڊيننس، 1982 سڏيو ويندو.

commencement

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون

Definitions

2. هن آرڊيننس ۾، جيستائين ڪجهه مفهوم ۽ مضمون جي متضاد نه هجي، تيستائين:

(a) "اٿارٽي" مطلب دفعه 4 تحت قائم ڪيل سنڌ ڪو آپريٽو هائوسنگ اٿارٽي؛

(b) "چيئرمين" مطلب اٿارٽي جو چيئرمين؛

(c) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(d) "مئنيجنگ ڊائريڪٽر" مطلب دفعه 5 تحت مقرر ڪيل مئنيجنگ ڊائريڪٽر ۽ جنهن ۾ شامل آهي اهو شخص جيڪو وقتي طور مئنيجنگ ڊائريڪٽر جون ذميواريون سنڀالي رهيو هجي.

(e) "ميمبر" مطلب اٿارٽي جو ميمبر ۽ جنهن ۾ شامل آهي چيئرمين؛

(f) "بيان ڪيل" مطلب هن آرڊيننس تحت قاعدن ۽ ضابطن ۾ بيان ڪيل؛

(g) "سوسائٽي" مطلب هڪ سوسائٽي، جيڪا سنڌ ڪو آپريٽو سوسائٽيز ايڪٽ، 1925 تحت رجسٽر ڪيل هجي يا نه، جيڪا مستقل طور يا عارضي طور تي ڪو آپريٽنگ هائوسنگ جي مقصدن لاءِ قائم ڪئي وئي هجي، جنهن ۾ شامل آهن، زمين حاصل ڪرڻ، خريد ڪرڻ، الاٽ ڪرڻ، وڪرو ڪرڻ، پاڙي تي ونڊڻ، زمين عمارتن جي تعمير، روڊن ۽ بين اهڙن مقصدن لاءِ ڏيڻ يا ونڊڻ.

3. هي آرڊيننس اثر انداز ٿيندو، ان کانسواءِ کنهن وقتي طور لاڳو ٻين قانونن يا آئين ۾، يادداشت نامي، آرٽيڪلس آف ايسوسيئيشن، يا سوسائٽيز جي باءِ لاز يا کنهن معاهدي، يا کو ايوارڊ، کيل، حڪم، ڊڪري، انجنڪشن يا عدالتي فيصلي جي.	ٻين قانونن وغيره کي ختم ڪرڻ جو آرڊيننس Ordinance to over_ride other laws etc
4. (1) حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي، سنڌ کو آپريٽنگ هائوسنگ اٿارٽي نالي سان اٿارٽي قائم ڪري سگهي ٿي.	اختياري جو قيام ۽ شموليت Establishment and incorporation of the Authority
(2) اٿارٽي چيئرمين ۽ اهڙن سرڪاري ۽ غير سرڪاري ميمبرز تي مشتمل هوندي جيڪي گورنر مقرر ڪندو.	
چيئرمين کنهن شخص کي ميمبر طور کنهن مقصد لاءِ ڪٽي سگهي ٿو پر اهڙي کنهن ميمبر کي ووٽ جو حق نه هوندو.	
(3) کو به عملدار ميمبر طور ڪنيو ويندو ته هو اهڙي عهدي، اهڙي عهدي خالي ڪرڻ تي ميمبر نه رهندو.	
(4) هڪ غير سرڪاري عملدار حڪومت جي خوشي سان ميمبريءَ جو عهدو رکي سگهندو، جيستائين هو حڪومت کي هڪ خط ذريعي استعيفيٰ نه ٿو ڏئي.	
5. (1) حڪومت گهربل اهليت ۽ شرطن ۽ ضابطن موجب	مئنيجنگ

مئنيجنگ ڊائريڪٽر مقرر ڪري سگھي ٿي، جيئن قاعدن ۾ ڄاڻايو ويو هجي ۽ جيڪو حڪومت جي رضامندي تائين اهو منصب ماڻي سگھندو.

ڊائريڪٽر، ٻين عملدارن ۽ اسٽاف جي مقرري

(2) مئنيجنگ ڊائريڪٽر، چيف ايگزيڪيوٽو ۽ اٽارٽي جو سيڪريٽري هوندو ۽ اهڙا اختيار استعمال ڪندو ۽ ذميواريون نڀائيندو، جيئن وقت بوقت اٽارٽي طرفان ڪيس ڏنيون ويندیون.

Appointment of Managing Director and other officers and staff

(3) اٽارٽي ريگيوليشن ۾ بيان ڪيل شرطن ۽ ضابطن موجب اهڙا عملدار ۽ اسٽاف مقرر ڪري سگھي ٿي، جيئن اها پنهنجي ڪاردگيءَ لاءِ مناسب سمجھي.

بشرطيڪ، چيئرمين ريگيوليشنز جوڙڻ تائين، اهڙا عملدار ۽ اسٽاف عارضي بنيادن تي مقرر ڪري سگھي ٿو جيئن اهو مناسب سمجھي، جن جو مدو هڪ سال کان وڌيڪ نہ هجي، اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت جيئن هو طئي ڪري.

اختياري کي ڪم سونپڻ

6.(1) جيڪڏهن حڪومت مطمئن هجي تہ سوسائٽي قانون موجب، قاعدن يا ٻاءِ لاز موجب، يا آئين، يادداشت نامي، يا آرٽيڪلس آف ايسوسيئيشن آف سوسائٹي موجب پنهنجون ذميواريون نڀائڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي، يا انهن کي خراب ڪيو آهي ۽ معاملن کي سنڀالڻ ۾ ڪوتاهي ڪئي آهي، يا سوسائٽي جي ميمبرن جي فائدن کان مٿانهان قدم کنيا آهن يا کڻي رهي آهي، تہ حڪومت سوسائٽي کي اهڑيون هدايتون جاري ڪري سگھي ٿي، جيئن اها مناسب سمجھي يا ڄاڻايل طريقي موجب سوسائٽي جي معاملن جي جاچ جو حڪم ڏئي

Assignment of functions to the Authority

سگهي ٿي.

(2) جتي سوسائٽي هدايتن تي عمل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي يا ذيلي دفعہ (1) تحت جاچ جو حڪم ڏنو ويو آهي، حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي اٿارٽي کي سوسائٽي جي معاملن جو ڪنٽرول سنڀالڻ جي هدايت ڪري سگهي ٿي.

(3) جيڪڏهن هن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ کان جلد اڳي، سوسائٽي جي مئنيجمينٽ کي ختم ٿيل ۽ ان جي معاملن جي سار سنڀال ڪنهن شخص يا فوري طور تي لاڳو ڪنهن قانون تحت ڪنهن شخصيتن جي باڊي کي ڏني وڃي تہ، اٿارٽي، ذيلي دفعہ (1) جي گنجائشن موجب سوسائٽي جي معاملن جي چارج ۽ ڪنٽرول سنڀالي سگهي ٿي.

(4) جتي ذيلي دفعہ (2) تحت هڪ نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو هجي يا سوسائٽي جي معاملن جي چارج ۽ ڪنٽرول ذيلي دفعہ (3) تحت اٿارٽي طرفان سنڀاليا ويا هجن، تہ پوءِ ان مطابق اٿارٽي اختيار استعمال ڪندي ۽ سوسائٽي جا معاملا سنڀالينديِ.

(5) جتي سوسائٽي جي چارج ۽ ڪنٽرول اٿارٽي طرفان سنڀاليو ويو هجي، تہ پوءِ سوسائٽي جي مئنيجمينٽ يا سوسائٽي جا معاملا سنڀالينڊڙ شخص يا شخصيتن جي باڊي يا ڪو ميمبر يا عملدار اختيار رکندي جنهن کي اٿارٽي طرفان سمورن اثاثن ۽ رڪارڊ جو قبضو ڏنو هجي يا سوسائٽي جي قبضي ۾ يا ان سلسلي ۾ ڪنهن شخص جي قبضي ۾

هجي. جنهن کي اٿارٽي نامزد ڪيو هجي.

(6) جتي سوسائٽي جي مئنيجمينٽ يا سوسائٽي جا معاملا سنڀالينڊڻ شخص يا شخصيتن جي بابڊي ذيلي دفعہ (4) تي عمل ۾ ناڪام ٿئي ٿي، اختياري اٿارٽي سمورا قدم کڻندي جنهن ۾ شامل آهي طاقت جو استعمال، جيئن ان تي عملدرآمد لاءِ ضروري هجي.

مئنيجنگ ڪميٽي يا ايڊمنسٽريٽر جي مقرري

Appointment of Managing Committee or Administrator

7. اٿارٽي هڪ مئنيجنگ ڪميٽي يا ايڊمنسٽريٽر مقرر ڪري سگهي ٿي، مئنيجنگ ڪاميٽي اٿارٽي ماڻهن تي مشتمل هوندي، جيڪي سوسائٽي جي ميمبرن مان هوندا اهي اٿارٽيون ذميواريون سنڀالينڊا ۽ ڪم ڪندا، جيڪي اٿارٽي طرفان سونپيا ويا هجن.

گڏجاڻيون

Meetings

8. (1) اٿارٽي جون گڏجاڻيون اٿارٽي عرصي بعد رکيون ويندیون ۽ اٿارٽي هنڌن تي ۽ اٿارٽي طريقي سان جيئن ريگيوليشنز ۾ بيان ڪيو ويو هجي ۽ جيستائين ريگيوليشنز جوڙيا وڃن، گڏجاڻيون چيئرمين جي هدايت موجب ڪوٺايون ويندیون.

(2) اٿارٽيءَ جو ڪو به عمل يا ڪارروائي ان ڪري اجائي نہ هوندي يا ٿيندي تہ ڪو ان جي آئين ۾ نقص آهي يا ڪو عهدو خالي آهي.

فنڊس

9. اٿارٽي جو هڪ فنڊ هوندو جنهن کي "سنڌ ڪو آپريٽو

هائوسنگ اٿارٽيز فنڊ" سڏيو ويندو جيڪو حڪومت طرفان ڏنل گرانٽس يا حڪومت طرفان مخصوص ڪيل ٻين رقمن تي مشتمل هوندو اهو اهڙي طريقي هلايو ۽ سنيالیو ويندو جيئن قاعدن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.	Funds
10. اٿارٽي جي سالياني بجيٽ اهڙي طريقي تيار ڪئي ويندي، جيئن قاعدن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.	بجيٽ Budget
11. (1) اٿارٽي پنهنجا اڪائونٽس ۽ رڪاردز اهڙيءَ ريت رکندي، جيئن قاعدن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.	اڪائونٽس ۽ آڊٽ Accounts and Audit
(2) اٿارٽي جا اڪائونٽس هر مالي سال دوران گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو اهڙيءَ چارٽرڊ اڪائونٽس فرم طرفان آڊٽ ڪيا ويندا، جيڪا حڪومت طرفان منظور ڪيل هجي.	
12. حڪومت، وقت بوقت اهڙيون هدايتون جاري ڪري سگهي ٿي، جيئن اها هن آرڊيننس جا مقصد پورا ڪرڻ لاءِ ضروري سمجهي ۽ اها اٿارٽي جي ذميواري هوندي تہ اهڙين هدايتن تي عمل ڪري.	حڪومت جون هدايتون Directions of Government
13. اٿارٽي هن آرڊيننس تحت ڪنهن ميمبر يا ملازم کي پنهنجا ڪي بہ اختيار منتقل ڪري سگهي ٿي.	اختيارن جي منتقلي Delegation of Powers
14. (1) اٿارٽي سوسائٽي جي معاملن جي چارج ۽ ڪنٽرول سنيالڻ جي ڇهن مهينن اندر، سوسائٽي ۾ پيل خالي عهدن لاءِ چونڊون ڪرائي سگهي ٿي ۽ سوسائٽي جي چارج ۽	سوسائٽي جي مئنيجمينٽ جي ٻيهر جوڙجڪ

Reconstitution of the management of the society

ڪنٽرول جاچ کان فوري اڳ عهدن رکندڙن جي حوالي ڪري سگهي ٿي.

بشرطيڪ جيڪڏهن دفعہ 6 تحت جاچ رپورٽ ملي وڃي، حڪومت مطمئن هجي تہ سوسائٽي مٿان ان دفعہ تحت لڳايل الزام درست نہ آهن تہ، اها جاچ کان فوري اڳ سوسائٽي جا انتظام آفيس رکندڙن کي واپس ڪري سگهي ٿي.

(2) حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي، ذيلي دفعہ (1) تحت مدو وڌائي سگهي ٿي پر مدي جي واڌ هڪ سال کان وڌيڪ نہ هوندي.

اختياري ختم ڪرڻ

Winding up of the Authority

15. اٿارٽي حڪومت جي حڪم سان اهڙي طريقي ۽ ان سلسلي ۾ ختم ڪئي ويندي، جيئن حڪومت حڪم ۾ بيان ڪري.

ضمانت

Indemnity

16. هن آرڊيننس يا ان سلسلي ۾ جوڙيل قاعدن ۽ ضابطن تحت نيڪ نيتي سان ڪيل ڪنهن ڪم يا طئي ڪيل ڪنهن ڪم جي سلسلي ۾ ڪو مقدمو، ڪارروائي يا قانوني ڪارروائي اٿارٽي خلاف نہ ٿيندي يا ان جي ميمبرز يا ملازمن خلاف نہ ٿيندي.

قاعدا ۽ ضابطا

Rules and Regulations

17. (1) حڪومت هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

(2) بشرطيڪ اهي هن آرڊيننس ۽ قاعدن جي گنجائشن موجب هجن تہ پوءِ، اٿارٽي هن آرڊيننس جا مقصد حاصل

ڪرڻ لاءِ ضابطا جوڙي سگھي ٿي.

رندڪون هٽائڻ

Removal of Difficulties

18. هن آرڊيننس جي گنجائشن کي لاڳو ڪرڻ ۾ جيڪڏهن ڪا ڏکيائي پيش اچي تہ حڪومت اهڙو حڪم جاري ڪري سگھي ٿي، جيڪو هن آرڊيننس جي گنجاشن سان ٽڪراءَ ۾ نہ هجي ۽ ان ڏکيائي کي هٽائڻ لاءِ ضروري هجي.

نوٽ:ـ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگھجي.